# مريض طبيب بڻجي ويو

سنڌي

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **مريض طبيب بڻجي ويو**

ڇاپو پهريون: شعبان 1443هہ مارچ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي ڪتاب نيڪي جي دعوت مان ورتل رسالو

# ”مريض طبيب بڻجي ويو“

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

مريض طبيب بڻجي ويو ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي ........ 1
ثواب ملڻ جي اُميد ........ 2
قَبر جي روشني جو سامان ........ 2
مُبلِّغن جون قبرون اِن شاءَ الله روشن هونديون ........ 2
مريض طبيب بڻجي ويو ........ 3
زُنّار ڇاڪي ڇٽبو آهي ........ 4
خليفو سليمان روئي پيو ........ 5
ماتحتن جي باري ۾ سيني کان پڇا ڪئي ويندي ........ 5
اقتدار ملڻ تي روئڻ ........ 6
انگور کائڻ کان بہ خوف ........ 7
انگور جا حسابِ آخرت جو خوف ........ 8
آيت شريف جي تفسير ۾ ٽي حديثون ........ 9
ٻن قسمن جون نعمتون ۽ آخرت جا سوال ........ 9
افسوس! عُمدہ عمدہ غذائون ........ 10
مال ڪائڻ جا شوقين غور فرمائن ........ 11
نزع جي سختين جي جهلڪ ........ 11

حسابِ نعمت جي باري ۾ ڏڪائيندڙ 9 فرمانِ مصطفيٰ ........... 12
مال گهٽو ته وبال به گهٽو ............................... 14
12 سالن تائين حساب و ڪتاب ........................... 15
صحابه ۾ سڀ کان مالدار صحابي جي حسابِ قيامت جو احوال ....... 16
مالدارن جي لاءِ فڪر جو مقام ............................ 17
مال ۽ دولت جي باري ۾ سٽيون سٽيون نيتون .................. 18
نفرت محبت ۾ بدلجي وئي ................................ 21

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

هي مضمون ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 341 تا 357 تان ڪنيو ويو آهي

# مريض طبيب بڻجي ويو

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو”مريض طبيب بڻجي ويو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي گناهن جي بيماري کان شفا ڏي، جهنّم کان بچاءِ ۽ جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## درود شريف جي فضيلت

فرمان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي ان کي مون تي ڪثرت سان درود پڙهڻ گهرجي ڇوتہ مون تي درود پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي.

(القول البديع، ص 414،بستان الواعظين لابن لجوزى ص 274)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي

زبان جون آفتون بيشمار آهن ۽ انهن کان بچڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي تہ زبان تي قفلِ مدينہ لڳايو وڃي، يعني ماٺھ خاموشيءَ جي عادت بڻائي، البت جيڪو زبان جي غلطين کان بچڻ ڄاڻي ٿو ۽ شريعت جي عين تقاضي جي مطابق ڳالهائڻ تي طاقت رکي ٿو ان جي لاءِ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ خاموشيءَ کان افضل ترين عمل آهي، جهڙي طرح خاتَمُ المُرسلين، رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين

آهي: جيڪڏهن توهان اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ) ڪريو تہ هي خاموش رهڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.
(شعب الايمان،92/6، حديث:7578)

## ثواب ملڻ جي اُميد

حضرتِ ابودَرْدَاء رَضِیَ اللہُ عَنْه فرمائن ٿا: مان ٻين کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو آهيان ۽ جيتوڻيڪ پاڻ اهو ڪم نٿو ڪيان پر پوءِ بہ مون کي الله پاڪ وٽان اَجر ملڻ جي اميد آهي. (ڪنزالعمال،270/3، رقم:8438) يعني جڏهن ڪنهن کي نيڪ ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ مون کي اجر ملي ويو توڙي جو پاڻ اهو ڪم نٿو ڪيان.

## قَبر جي روشني جو سامان

الله پاڪ حضرتِ موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: "ڀلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبر کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نہ ٿئي." (حلية الاولياء،6 / 5 ، رقم : 7 6 22)

## مُبلِّغن جون قبرون اِن شاءَالله روشن هونديون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هِن روايت مان نيڪيءَ جي ڳالھ سکڻ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو، سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي کلي ويندا، اِن شاءَ الله انهن جون قبرون اندر کان روشن هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو، اِنفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن، سنّتن جي تربيت جي مَدَني قافلي ۾ سفر ۽ روزانو پنهنجي اعمال جو جائزو وٺي ڪري "نيڪ اعمال" جو رسالو ڀرڻ جي ترغيب ڏيڻ وارن ۽ سنّتن ڀريي

اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن پڻ مُبلّغن جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جون قبرون بہ اِن شاءَ الله حُضُورَ مُفِيضُ النُّور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي نور جي صدقي نور عليٰ نور ٿينديون.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طَلعَت رسولُ اللہ کی

(حدائقِ بخشش، ص 152)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: **طَلعَت**: چهرو. صورت. نظارو

**شرح ڪلام رضا**: اي عاشقانِ رسول! جهومي وجو! جڏهن محبوب ربّ، تاجدار عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي مومن جي قبر ۾ جلوه فرما ٿيندا، تہ روشني ئي روشني ٿي ويندي قيامت تائين قبر ۾ نور جا چشما جاري رهندا رهندا.

اندھیرا گھپ اندھیرا ہے شَہا وحشت کا ڈیرا ہے
کرم سے قبر میں تم آؤ گے تو روشنی ہوگی

(وسائلِ بخشش، ص280)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مريض طبيب بڻجي ويو

حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري بيمار ٿي پيا، ماڻهن شِفا خاني ۾ داخل ڪرايو، سندن جي عقيدت مند وزير علي بن عيسيٰ جي درخواست تي بغداد جي خليفي شاهي دربار جي نصراني (ڪرسچن) رَئيسُ الاَطِبَّاء (يعني ڊاڪٽرن جي سردار) کي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علاج جي لاءِ موڪليو. ان وڏي توجُّهہ سان علاج ڪيو پر ڪو فائدو نہ ٿيو، هڪ

ڏينهن رَئِيسُ الاَطِبَّاء چيو:اي شبلي (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه)! جيڪڏهن مون کي اها خبر پئجي وڃي تہ منهنجي بدن جي ڪهڙي ٽڪڙي ۾ اوهان جو علاج آهي تہ مون کي توهان جي لاءِ پنهنجو عُضوو ڪٽڻ ۾ ڪو انڪار ناهي، حضرتِ سيِّدُنا شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”منهنجو علاج توهان جي هڪ عُضوي ڪٽڻ جي مقابلي ۾ تمام ئي آسان شيءِ ۾ آهي.“ اُن پڇا ڪئي: اهو ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون تہ تون پنهنجو زُنَّار ٽوڙي ڇڏ ۽ اسلام قبول ڪري وٺ، اِن شاءَ الله انهيءَ خوشيءَ جي ڪري منهنجو مرض ختم ٿي ويندو. طبيب يڪدم زُنَّار کي ٽوڙيو، ڪفر کان توبہ ڪيائين، ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو اُنهيءَ وقت حضرتِ سيِّدُنا ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحتياب ٿي بيماري جي بستري تان اٿي بيٺو، بغداد جي خليفي وٽ جڏهن اها خبر پهتي تہ اُن تعجب وچان چيو: مون تہ طبيب کي مريض وٽ موڪليو هو، مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ مريض کي طبيب وٽ موڪلي رهيو آهيان. (روح البيان، 461/2) الله پاڪ جي اُنهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## زُنَّار ڇاکي چئبو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! (اهو ڌرمي) ڌاڳو جيڪو هندو پنهنجي ڳچيءَ ۽ بغل جي وچان ٻڌي رکندا آهن اُن کي زُنَّار يا جڻيو چوندا آهن اهڙي طرح اهو ڌاڳو يا زنجير جيڪو ڪرسچن، مجوسي (يعني باھ جا پوڄاري) ۽ يهودي پنهنجي چيلھ ۾ ٻڌندا آهن اُن کي زُنَّار چئبو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن حڪايت مان خبر پئي تہ اسان جا اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم نيڪي جي دعوت، خَلقِ خدا جي هدايت ۽ اِسلام جي اِشاعت جا تمام

گهڻا شيدائي هئا، ڪنهن غير مسلم جي اسلام قبول ڪرڻ سان انهن کي ايتري عظيم خوشي حاصل ٿيندي هئي جو خوشيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن انهن جون خطرناڪ بيماريون بہ ختم ٿي وينديون هيون.

مجھے تم ایسی دو ہمّت آقا دوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنا دو مجھ کو بھی نیک خصلت نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

(وسائل بخشش ص 191)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خليفو سليمان روئي پيو

دِمشق جو خليفو سليمان بن عبدُالمِلڪ اُمَوِي وڏي شان ۽ شوڪت وارو بادشاهہ هو، اُن هڪ ڀيري مَشهور مُحَدِّث سيّدُنا امام طاؤس رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي دربار ۾ سڏ ڪرايو، پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه موقعو ملندي ”نيڪي جي دعوت“ ڏيندي پڇيو اي اميرُالمومنين! **ڇا توهان کي خبر آهي تہ سڀ کان وڏيڪ عذاب ڪنهن کي ٿيندو؟** خليفي چيو: اوهان ئي اِرشاد فرمايو! تنهن تي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هيءَ حديث پاڪ پڙهي ٻڌائي:”جنهن کي الله پاڪ پنهنجي سلطنت ۾ بادشاهي عطا فرمائي پوءِ ان ظلم ڪيو تہ اُن شخص کي قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ عذاب ڏنو ويندو.“ اهو ٻڌي خليفو خدا جي خوف کان ڏڪي ويو ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو ايسيتائين جو روئندي روئندي تخت تي سِڌو ليٽي پيو، سندن سمورا درباري اُن کي انهيءَ حالت ۾ ڇڏي هليا ويا. (مستطرف،169/1)

## ماتحتن جي باري ۾ سيني کان پڇا ڪئي ويندي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي تہ بيان جي تاثير

جي لاءِ جتي ٻڌڻ وارن کي دل ۽ دماغ حاضر رکي ٻڌڻ ضروري آهي اُتي مبلغ جو بہ باعمل، اِخلاص جو پيڪر ۽ هرقسم جي حِرص ۽ ذاتي غَرَض کان پاڪ هئڻ بہ لازمي آهي، جتي اُهي ٻئي شيون جَمع ٿينديون، اِن شاءَ الله اُتي بيان جو خوب اثر ظاهر ٿيندو ۽ جيڪڏهن ان ٻنهي مان ڪا هڪ شيءِ بہ مَفْقُود (يعني غائب) ٿي تہ بيان جا فائدا ملڻ مشڪل ٿيندا. هن حڪايت مان اها بہ خبر پئي تہ جيڪڏهن بادشاهہ ظلم ڪندو تہ باهہ جي عذاب جو سڀ کان وڌيڪ حقدار ٿيندو، جيڪي ماڻهو اِقتدار جا طلبگار رهندا آهن اهي هڪ طرح سان پاڻ کي تمام وڏي آزاهہ ۾ اچلائڻ جا طلبگار هوندا آهن، انهيءَ حوالي سان بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪيو: (1) جنهن کي رعايا جو ذميدار (نگران) بڻايو ويو پوءِ ان رعايا جي خير خواهي نہ ڪئي تہ اهو جنّت جي خوشبو بہ حاصل نہ ڪري سگهندو. (بخاری، 4/ 456، حديث: 7150) (2) توهان سڀ نگهبان آهيو ۽ هر هڪ کان ان جي رعايا (يعني ماتحتن ۽ محڪوم ماڻهن) جي باري ۾ پڇيو ويندو. جنهن کي ماڻهن تي امير بڻايو ويو اهو نگهبان آهي، اُن کان ان جي باري ۾ پڇيو ويندو. مرد پنهنجي اهل خانہ تي نگهبان آهي، اُن کان ان جي باري ۾ پڇيو ويندو، عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ ان جي اولاد تي نگهبان آهي، اها اُنهن جي باري ۾ جواب ڏيندي، غلام پنهنجي آقا جي مال تي نگهبان آهي، ان کان ان جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿيندي، ٻڌي ونو! **توهان مان هر هڪ نگهبان آهي** ۽ هر هڪ کان ان جي رعايا (ماتحتن ۽ محڪوم ماڻهن) جي باري ۾ پڇا ٿيندي. (بخاری،2/ 159،حديث:2554)

## اقتدار ملڻ تي روئڻ

هاڻي هڪ حڪايت ملاحظ ڪيو جيڪا اقتدار سنڀاليندڙ جي لاءِ نهايت عبرت انگيز آهي، جيئن تہ تاريخُ الخلفاء ۾ آهي: عَطاء بِن اَبِي رَباح

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرتِ عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زَوجہ محترمہ فاطمہ بنتِ عبدالملک رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها مون کي فرمايو تہ جڏهن حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خلافت ڏني وئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گهر آيا ۽ مصلّي تي ويهي آهہ و زاري ڪرڻ لڳا ۽ ايترو رُنا جو ڏاڙهي مبارَڪ ڳوڙهن سان آلي ٿي وئي، مون عرض ڪيو: ياامير المومنين! توهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: اي فاطمہ! مسلمانن جي نگراني ۽ اُنهن جي فلاح ۽ بهبود (يعني ڀلائي ۽ خير خواهي) جو سڄو بارُ منهنجي ڪنڌ تي رکيو ويو آهي، مان اگهاڙن، بُکايلن، فقيرن، مريضن، مظلوم قيدين، مُسافرن، ضعيفن، ٻارن ۽ عيالدارن (يعني ٻارن ٻچن وارن) مطلب تہ پنهنجي رعايا جي سيني مصيبتزدن جي سڌسماءُ جي باري ۾ غور ڪيان ٿو ۽ سوچان ٿو تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو انهن مان ڪنهن هڪ جي باري ۾ بہ الله پاڪ مون کان پڇا ڪئي ۽ مان جواب نہ ڏئي سگهيس تہ منهنجو ڇا ٿيندو! مان انهيءَ فڪر ۾ روئي رهيو آهيان. (تاريخ الخلفاء، ص 189)

## انگور ڪائڻ کان بہ خوف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس اڄڪلهہ گهڻو ڪري اقتِدار جي ذريعي جائيداد ۽ مال حاصل ڪيو ويندو آهي پر ربّ ڪريم جي نيڪ ٻانهن جو حال ان کان مختلف هوندو آهي، خوفِ خدا سان مالا مال هجڻ جي سبب هو اهڙي موقعي تي روئي روئي بيحال ٿي ويندا هئا. اهي حضراتَ سنڀالي قدم رکندا هئا ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ڊڄندا هئا. جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا عَون بن مُعَمَّر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي زوجہ محترمہ (گهرواريءَ) کي فرمائڻ لڳا: فاطمہ! توهان وٽ هڪ دِرهم

هجي تہ ڏيو اَڄُ انگور کائڻ جي دل چوي ٿي، انهن عرض ڪيو: مون وٽ درهم ڪٿي آهي! ڇا توهان اميرالمؤمنين ٿي ڪري هڪ درهم جي بہ حيثيت نہ ٿا رکو؟ (بيقرار ٿي) فرمايائون: انگور نہ کائڻ اُن کان وڌيڪ آسان آهي جو ڪالهہ (قيامت جي ڏينهن) مان جهنَّم جون زنجيرون پايان. (تاريخ الخلفاء، ص 471) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## انگور جا حسابِ آخرت جو خوف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو خوفِ خدا مرحبا! انگورَ بيشڪ حلال ۽ پاڪ آهن، پر الله پاڪ جي نعمت آهن ۽ قيامت جي ڏينهن هر نعمت جو حساب ڏيڻو پوندو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خوفِ آخرت جي سبب انگور کائڻ کان رڪجي ويا. افسوس! اَڄُ اسان وڌ کان وڌ لذيذ نعمتون کائيندا ۽ استعمال ڪندا آهيون ۽ وڌيڪ بهتر کان بهتر جي ڳولها ۾ رهندا آهيون، عمده کان عمده ترين گهر بہ ناڪافي محسوس ٿيندو آهي، وڏي کان وڏو بنگلو (VILLA) حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا آهيون جڏهن تہ سيپاري 30 سورة التڪاثر جي آخري آيت خوفِ خدا رکڻ وارن کي بي قرار ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآنِ پاڪ "ڪنزالايمان مع خزائنُ العرفان" جي صفحي 1118 تي ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿۸﴾ (پ30،التڪاثر: 8) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو. |

## آيت شريف جي تفسير ۾ ٽي حديثون

(1) عِڪرِمہ چيو: جڏهن هيءَ آيتِ شريف نازل ٿي ته صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڪهڙين نعمتن ۾ آهيون! اسان ڪي ته جوَن جي ماني ۽ اها بہ صرف اڌ پيٽ نصيب ٿئي ٿي! وحي آئي: ڇا توهان جُوتا نہ ٿا پايو؟ ٿڌو پاڻي نہ ٿا پيئو؟ اهي بہ نعمتون آهن. (تفسيردر منثور، 613/8) (2) حضرتِ مولاء ڪائنات عليُّ المرتضىٰ شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ذڪر ڪيل آيت جي تفسير ۾ فرمايو: جنهن ڪٽڪ جي ماني ڪاڌي ۽ فرات جو ٿڌو پاڻي پيتو ۽ وڏيڪ رهڻ جي لاءِ گهر بہ هجي، تہ هي اهي نعمتون آهن جن جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو. (تفسيردر منثور، 612/8) (3) جليلُ القدر تابعي حضرتِ امام مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت سڳوري جي متعلق فرمايو ته ان مان دنيا جي هر لذّت واري شيءِ مراد آهي. (تفسيردر منثور، 612/8)

سورة التڪاثر جي مذڪوره آخري آيت مبارڪ جي حوالي سان صدرُ الأفاضِل حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪي الله تعالىٰ توهان کي عطا فرمايون هيون صحت ۽ خوشحالي ۽ امن ۽ عيش ۽ مال وغيره جن سان دنيا ۾ لذّتون حاصل ڪيو ٿا، پڇو ويندو: تہ اهي شيون ڪهڙي ڪم ۾ خرچ ڪيون؟ انهن جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ ۽ شڪر نہ ادا ڪرڻ تي عذاب ڏنو ويندو.

## ٻن قسمن جون نعمتون ۽ آخرت جا سوال

مشهور مُفسّر، حڪيمُ الامُّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سورةُ التڪاثر جي ذڪر ڪيل آخري آيت جي حوالي بيان ڪيل

تفسير ۾ هي به آهي: ڪسبي نعمت (يعني پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪيل نعمت مثال طور: مناڻيون، لذيذ غذائون، ٿڌا شربت، عمده لباس، دولت، سلطنت وغيره) جي باري ۾ ٽي سوالَ ٿيندا (1) ڪٿان حاصل ڪيو؟ (2) ڪٿي خرچ ڪيو؟ (3) اُن جو ڪهڙو شڪري ادا ڪيو؟ وَهبي نعمت (يعني الله پاڪ جون عطا ڪيل اهي نعمتون جنهن ۾ ٻانهي جي پنهنجي ڪوشش جو ڪو دخل نه هجي جيئن سج، چنڊ، هٿ، پير، اک، ڪن وغيره) جي باري ۾ به سوال ٿيندا: (1) ڪٿي خرچ ڪيو؟ (2) اُن جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟.

(نورالعر فان، ص 966)

## افسوس! عُمده عمده غذائون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي وڏي خوف جي ڳالھ آهي، اڄ اسان عُمده کان عُمده ترين غذائن ۽ نعمتن جا حريص بڻيل آهيون پر قبر ۾ ڪيڙن ماڪوڙن جي غذا بڻجڻ ۽ حسابِ آخرت ۾ ڦاسڻ جي ڳڻتي کي وساري وينا آهيون. اسان کي سڻي کان سنو ۽ لذيذ ترين کاڌو گهرجي ۽ اهو به گرم هجي، هڪ ته ”عُمده غذا“ بذات خود نعمت ۽ ان جو گرم هئڻ نعمت در نعمت، سادي چانھ سان به گذارو ناهي، کير پتي هجي ۽ اها به مني مني ۽ گرما گرم هجي، ايئن اسان جي هڪ چانھ به ڪيئي نعمتن جو مجموعو بڻجي وڃي ٿي! ايئن ئي حلوا پوري، پيزا پراٺا، ڪيئي قسمن جون مٺايون، طرح طرح جا تازا ميوا، ۽ خشڪ ميوا (ڊرائي فروٽ)، ذائقيدار فالودا، ٿڌا مٺا مزيدار شربت، بادام پِستن وارو شيرخُرمو، ٿڌيون بوتلون (COLD DRINKS) آئسڪريم، مکڻ، ملائي، ڪسٽرڊ، ڪباب، سموسا، گرما گرم پڪوڙا، تريل مڇي، تريل چاپون، تندوري ران،

چکن تکو، سيخ ڪباب، برگر ۾ نہ ڄاڻ ڇا ڇا اسان جو لالچي نفس طلب ڪندو ۽ ڪائيندو پيئندو آهي، جيوتڻيڪ ذڪر ڪيل سڀ غذائون ڪائڻ حلال آهن پر ان تمام نعمتن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن سُوالات ڪيا ويندا. ڪاش! اسان جو ڪائو پيئو نفس قابو ۾ اچي وڃي. ڪاش! سنيون سنيون نيتون نہ هئڻ جي صورت ۾ فقط تفريحي طور ۽ صرف لذّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪائڻ پيئڻ جي عادت ڪان اسان جي جان ڇٽي وڃي.

## مال ڪائڻ جا شوقين غور فرمائن

اسان ڪجھ منٽن جي لذّت جي خاطر ڪيترو وڏو خطرو برداشت ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندا آهيون، هن ڳالھ کي هن روايت مان سمجھڻ جي ڪوشش ڪيو، جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "منهاجُ العابدين"(504 صفحات)، صفحي 141 تي حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدُنا محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منقول آهي:"بيشڪ موت جي سڪرات جي سختي دنيا جي لذّتن جي مطابق آهي." پوءِ جنهن گهٽيون لذّتون حاصل ڪيون ان کي سڪرات جون تڪليفون بہ گهٽيون ٿينديون. (منهاج العابدين، ص94)

## نزع جي سختين جي جهلڪ

نزع جي سختين جي جهلڪ ملاحظہ ٿئي جيئن تہ علامہ جلالُ الدين سُيُوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: موت دنيا ۽ آخرت جي هولناڪين مان سڀ ڪان وڌيڪ هولناڪ آهي، هي آرَن جي چيرڻ ڪان، قينچين جي ڪٽڻ ڪان، ديگڙين جي اُبارڻ ڪان وڌيڪ آهي،

جيڪڏهن مردو زنده ٿي ڪري موت جون سختيون ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏي ته انهن جو عيش ۽ ننڊ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو. (شرح الصدور، ص 33)

کاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا
قبر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا
جاں کنی کی تکلیفیں ذبح سے ہیں بڑھ کر کاش
مرغ بن کے طیبہ میں ذبح ہو گیا ہوتا
آہ! کثرتِ عصیاں ہائے! خوف دوزخ کا
کاش! اِس جہاں کا میں نہ بَشَر بنا ہوتا
شور اٹھا یہ محشر میں خلد میں گیا عطاؔر
گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا
(وسائلِ بخشش، ص256،258)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حسابِ نعمت جي باري ۾ ڊڪائيندڙ 9 فرمانِ مصطفيٰ

فاني لذتن کان پاڻ کي بچائڻ جو جذبو وڌائڻ ۽ دنياوي نعمتن جي سبب ٿيڻ واري آخرت جي حساب کان پاڻ کي ڊيڄارڻ جي لاءِ دل ڏڪائيندڙ 9 فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحظ ڪيو:

(1)جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته الله پاڪ پنهنجي ٻانهن مان هڪ ٻانهي کي سڏي ڪري پنهنجي سامهون بيهاري ڇڏيندو ۽ اُن کان ان جي شان ۽ مرتبي جي باري ۾ سُوال فرمائيندو.
(معجم اوسط، 1/ 140 ، حديث:4481)

(2) ٻانهو ڪو به قدم ڪڻندو آهي ته قيامت ۾ ان کان سُوال ٿيندو ته اهو قدم ڇو کنيو هو؟ (تاريخ دمشق،54/6)

(3) قِيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان ٻانهي کان هي سُوال ٿيندو ته ڇا مون تنهنجو جسم تندُرست نه رکيو هو؟ ڇا مون توکي ٿڌي پاڻيءَ سان ڍؤ نه ڪرايو هو؟ (تو ان جا حق ادا ڪيا يا نه؟)
(المستدرک،5/ 191، حديث: 7285)

(4) مالڪ ۽ مملوڪ (يعني غلام) کي ۽ زوج (يعني مڙس) ۽ گهر واريءَ کي آندو ويندو پوءِ انهن کان حساب ٿيندو، ايسيتائين جو مَرد کي چيو ويندو تو فلاڻي فلاڻي ڏينهن لذت سان پاڻي پيتو ۽ مڙس کي چيو ويندو تہ فلاڻي عورت سان نڪاح جا ٻيا بہ طلبگار هئا پر تو ان سان نڪاح چاهيو تہ مون انهن سڀني کي ڇڏي اُن جو نڪاح توسان ڪري ڇڏيو، (ڇا تو ان نعمتن جو حق ادا ڪيو؟)
(مجمع الزوائد، 633/10، حديث: 18390)

(5) قيامت ۾ مؤمن کان هر عمل جو سُوال ٿيندو ايسيتائين جو ان کان پنهنجي اکين ۾ سرمون پائڻ جي متعلق بہ سُوال ڪيو ويندو.
(حلية الاولياء، 31/10)

(6) ماڻهو جيڪو خطبو پڙهندو(يعني واعظ ۽ بيان ڪندو) آهي ان جي باري ۾ بہ ان کان سُوال ٿيندو تہ اُن مان تنهنجو ڪهڙو مقصد هو؟ (الصمت مع موسوعہ ابن ابی الدنيا، 294/7، حديث:514) (مُبَلِّغ ۽ مُقَرِّر غور فرمائن تہ بيان جو مقصد نيڪي جي دعوت هئي يا بيان جي واڪاڻ ۽ واهہ واهہ جي طلب يا حُصولِ شهرت يا دولت؟)

(7) جيڪو شخص ڪنهن شيءِ ڏانهن سڏيندو قيامت جي ڏينهن ان کي ان جي دعوت (يعني سڏڻ ) سان گڏ بيهاريو ويندو، چاهي هڪ ئي ماڻهو کي دعوت ڇو نہ ڏني هجي! (ابن ماجه ، 137/1، حديث:208) (هِن روايت ۾ خُلوص جي طرف اشارو آهي مَثَلاً نيڪي جي دعوت صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ ڏني هئي يا ڪو ٻيو مقصد هو! اِنفرادي ڪوشش ڪرڻ وارا مبلغ بہ غور فرمائن)

(8) قسم آهي اُن ذات جو جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي، توهان کان جنهن نعمت جي مُتعلّق قيامت جي ڏينهن سُوال

کيا ويندا اهو تڏي چانوَ ۽ عمده ڪارڪون ۽ ٽڌو پاڻي آهي،
(ترمذی،163/4، حدیث:2376)

(9) قِيامت ۾ هر غني ۽ فقير (يعني هر امير ۽ غريب) آرزو ڪندو ته ڪاش! دنيا ۾ اُن وٽ صِرف قُوت هجي ها. (ابن ماجہ،442/4، حدیث: 4140)

(قُوت يعني صرف ايترو ڪاڌو هجي جنهن سان زندگي بچي سگهي ۽ بس)

## مال گهڻو ته وبال به گهڻو

(1) عبدالله بن عَمِيره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جيترو مال وڌيڪ هوندو ايترو حساب به وڌيڪ ٿيندو. (البدور السافرۃ فی امور الآخرۃ ،ص 246)

(2) حضرتِ ابو ذر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: قيامت جي ڏينهن هڪ دِرهَم واري جي مقابلي ۾ ٻن دِرهمن واري جو حساب سخت هوندو.
(الزہد للامام احمد بن حنبل،ص170 ،حدیث:797)

(3) جليلُ القدر تابعي سَيِّدُنا مُعاويه بن قُرَّه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان سخت حساب تندُرست خوشحال شخص کان ٿيندو.
(تاریخ مدینہ دمشق ،271/59)

صَدقہ پیارے کی حیاء کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بَخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

( حدائقِ بخشش، ص 171 )

مشڪل لفظن جي معنيٰ: صَدقہ: وسيلو. بے پوچھے: بي حساب. لَجائے: شرمنده. لَجانا: شرمندو ڪرڻ.

شرحِ ڪلامِ رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن شعر ۾ بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪري رهيا آهن: ياالله پاڪ! توکي تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شرم ۽ حيا جو واسطو! مون کي محشر ۾ پڇا ڳاڇا ڪ بغير ئي بخشي ڇڏ، مان ته پنهنجي گناهن تي

پهريان ئي شرمنده آهيان منهنجي اعمالن جو حساب وٺي مون کي وڌيڪ شرمنده نہ فرماءِ.

امتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ
بے سبب بخش دے مولیٰ ترا کیا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش ص 126)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 سالن تائين حساب و ڪتاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! آخِرت جي حساب جو مُعاملو نهايت سخت آهي. عبرت جي لاءِ هڪ روايت پيش ڪئي وڃي ٿي، پڙهو ۽ خوب فڪر آخرت ڪيو، جيئن تہ حضرت عبدالله بن عَمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: ناظمِ نِظامِ اُمّت، صاحب خوف و خشيَّت، سردارِ ساڪنانِ جنَّت اميرالمومنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وصال پرملال کان پوءِ مون کي سندن اُخرَوِي مُعاملات ڄاڻڻ جي شديد خواهش هئي، هڪ ڏينهن خواب ۾ مون هڪ محل ڏٺو تہ پڇا ڪئي: هي(محل) ڪنهن جو آهي؟ ملائڪ ٻڌايو: ”حضرت عمر بن خطاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو.“ايتري ۾ وزير حُضُور اَنور، ساڪِنانِ جنَّت جي سَروَر، حضرت سيدنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان محل مان ٻاهر اهڙي حالت ۾ تشريف ڪٺي آيا جو پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي هڪ چادر هئي جڻ هينئر غسل فرمايو هجي. مون عرض ڪيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ چڱو مُعاملو فرمايو. پوءِ مون کان پڇڻ لڳا: مون کي توهان کان جدا ٿيندي ڪيترو عرصو گذريو آهي؟ مون عرض ڪيو: 12 سال. فرمائڻ لڳا: تہ هاڻي وڃي حساب ۽ ڪتاب مان فارغ ٿيو آهيان. (تاريخ مدينۃ دمشق لابن عساڪر 483/44) الله

پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جُرم
دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا

(ذوقِ نعت ، ص18)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صحابہ ۾ سڀ کان مالدار صحابي جي حسابِ قيامت جو احوال

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عدل ۽ انصاف جي پيڪر، پرهيزگارن جي آفيسر، متقين جي رهبر حضرتِ سَيِّدُنا عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي هيءَ حڪايت اسان کي گهڻو ڪجهه سمجهائي رهي آهي، عَشَرَه مُبَشَّرَه جي روشن تاري حضرتِ عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جيڪي صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار هئا، سندن جو سڄو ئي مال يقيني طور تي حلال هو ۽ مال جي گهٽائي غفلت شعاري جي بدران پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي لاءِ خشيتِ الٰهي جو سبب بڻجي وئي هئي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي حسابِ قيامت جي حڪايت بہ سراپا عبرت آهي، ملاحظہ فرمايو: جيئن تہ هڪ ڀيري سرڪار عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان وٽ تشريف وٺي آيا تہ فرمايائون: ”اي اصحابِ محمد! اڄ رات الله پاڪ توهان جا گهر ۽ ماڙيون پڻ منهنجي گهر کان ڪنهن جو ڪيترو گهر پري آهي سڀ مون کي ڏيکاريا.“ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جليل القدر اصحابِ ڪرام جو منزلون الڳ الڳ بيان

ڪرڻ کان پوءِ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي فرمايائون: ”اي عبدالرحمٰن (مون ڏنو) تہ توهان مون کان گهڻو پري ٿي ويا آهيو ايسيتائين جو مون کي توهان جي هلاڪت جو ڀئو ٿيڻ لڳو پوءِ ٿوري دير بعد اوهان پگهر ۾ شل مون وٽ پهتا تہ منهنجي پڇڻ تي اوهان ٻڌايو تہ:”مون کي حساب ڪتاب جي لاءِ روڪي وڻڻ کان بعد مون کان پڇاڻو شروع ٿي ويو تہ مال ڪٿان ڪمايو ۽ ڪٿي خرچ ڪيو؟ راوي چئي ٿو تہ، حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنْہ هيءُ ٻڌي ڪري روئي پيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله! هي سؤ اٺ جيڪي اڄ ئي رات مصر مان واپار جي مال سان آيا آهن، پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي شاهد بڻائي ڪري انهن کي مديني پاڪ جي غريبن ۽ يتيمن تي صدقو ڪيان ٿو. (تاريخ دِمشق، 266/35)

حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنْہ أُمُّ المؤمِنين حضرتِ أُمِّ سلمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي خدمت ۾ عرض ڪيو: مون کي ڊپ آهي تہ مال جي گهڻائي ڪٿي (آخرت ۾) مون کي هلاڪت ۾ نہ وجهي ڇڏي! انهن فرمايو: پنهنجو مال راهہ خدا ۾ خرچ ڪندا رهو.

(استيعاب في معرفة الاصحاب، 389/2)

## مالدارن جي لاءِ فڪر جو مقام

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيني قطعي حلال مال رکڻ واري پنهنجو حلال مال پنهي هٿن سان راهِ خدا ۾ لٽائڻ واري جي قيامت جي حساب جي اُن لڱ ڪانداريندڙ حڪايت تي نظر رکندي مال دارن کي غور ڪرڻ ۽ قيامت جي دهشتن ۽ گهبراهٽن کان ڊڄڻ گهرجي ۽ جيڪي ماڻهو فقط دُنياوي حِرص جي سبب مال جمع ڪندا پيا وڃن، ان جي لاءِ در در تي ڀٽڪندا پيا وتندا ۽ مال وڌائڻ

جي نظامِ کي بهتر کان بهترين بڻائيندا پيا وڃن، انهن کي پنهنجي هِن طريقي تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪا صورت دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي لاءِ بهتر هجي اها اختيار ڪرڻ گهرجي.

## مال ۽ دولت جي باري ۾ سٺيون سٺيون نيتون

حلال مال جمع ڪرڻ في نفسه مُباح آهي (يعني نه ان ۾ ثواب آهي نه گناهه) جيڪڏهن ڪير علمِ نيت رکڻ وارو ان جون سنيون سنيون نيتون ڪري ته چاهي حلال مال جي ذريعي ارب پتي بڻجي وڃي ان جو مال ان جي آخرت جي لاءِ نقصان ڪار ناهي، پر ياد رهي! رسمي طور صرف زبان سان نيّت جا لفظ ادا ڪري وٺڻ کي نيّت ناهي چئبو، نيّت دل جي اُيار ۽ پڪي ارادي جو نالو آهي يعني جيڪو نيّت ڪري رهيو آهي اها اُن جي دل ۾ اهڙي طرح موجود هجي جو مون کي 100 فيصد ايئن ئي ڪرڻو آهي، مال ۽ دولت جي باري ۾ نيّت جي رغبت ڏياريندي حُجّةُ الاسلام حضرت سيّدُنا ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مال وٺڻ، ڇڏڻ، خرچ ڪرڻ ۽ روڪڻ ۾ نيّت صحيح هجڻ گهرجي. مال انهيءَ ڪري حاصل ڪري ته عبادت تي مدد حاصل ٿئي ۽ مال ڇڏڻو هجي ته زُهد (يعني دنيا مان بي رغبتي) جي نيّت سان ۽ ان کي حقير سمجهندي ڇڏي، جڏهن اهو طريقو اختيار ڪندو ته مال جو موجود هجڻ ان کي نقصان نه پهچائيندو، انهيءَ ڪري اَميرُ المُؤمِنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ شيرِخدا رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: ”جيڪڏهن ڪو شخص سڄي روءِ زمين جو مال حاصل ڪري ۽ ان جو ارادو رضاءِ

الاهي جو حصول هجي تہ اهو زاهد (يعني دنيا کان بي رغبت) آهي ۽ جيڪڏهن سڄو مال ڇڏي پر الله جي رضا مقصد نہ هجي تہ اهو زاهد ناهي.“ بس اوهان جا سيئي ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ هجن ۽ عبادت کان ٻاهر نہ هجن يا عبادت تي مددگار هجن. جيڪي شيون عبادت کان گهڻو پري آهن اهي کاڌو کائڻ ۽ قضاءِ حاجت (يعني استنجا) آهي پر اهي ٻئي بہ عبادت تي مددگار آهن جڏهن انهن مان توهان جو مقصد هي هوندو يعني عبادت تي قوّت ۽ دل جمعي حاصل ڪرڻ جي نيّت هوندي تہ هي ڪم بہ توهان جي حق ۾ عبادت ٿيندا، ايئن اهي شيون جيڪي توهان جي حفاظت ڪن ٿيون مثال طور قميص، شلوار (پاجامو) بستر ۽ ٿانوَ وغيره تہ ان سيني ۾ بہ سٺي نيّت هئڻ گهرجي ڇو تہ دين جي سلسلي ۾ انهن سيني شين جي ضرورت هوندي آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ هجي انهن سان خدا جي ٻانهن کي نفعو پهچائڻ جي نيّت هئڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪنهن شخص کي ان جي ضرورت هجي تہ انڪار نہ ڪري جيڪو شخص انهيءَ طرح جو عمل ڪندو ان مال جي نانگ (هتي مال کي ”نانگ“ سان تشبيہ ڏني وئي آهي) کان ان جو (مفيد حصو) جوهر ۽ ترياق (زهر مهرو يعني زهر جي دوا جيڪا زهر لاهڻ جي ڪم ايندي آهي) بہ وٺي ورتو ۽ (پاڻ نانگ جي) زهر کان محفوظ (بہ) رهيو، اهڙي ماڻهو کي مال جي ڪثرت نقصان ناهي پهچائيندي، پر هي ڪم اهو ئي شخص ڪري سگهي ٿو جنهن جا قدم دين ۾ مضبوط هجن ۽ ان وٽ گهڻو علم هجي. امام

غزالي رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ اڳتي مال ۽ دولت کان بچي ڪري رهڻ جي تلقين ڪندي فرمائن ٿا: جيئن نابين جو اکين واري وانگر جبلن جي چوٽي ۽ دريائن جي ڪناري پهچڻ ۽ ڪنڊيدار رستن تان گذرڻ ممڪن ناهي اهڙي طرح عام ماڻهو جو مال ۽ دولت جي آفتن کان بچڻ بہ ناممڪن آهي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 325) مال ۽ دولت پرهيزگار ۽ گهڻو علم رکڻ وارو ئي چاهي تہ وٺي سگهي ٿو جو شريعت جي مطابق ان کي حاصل ۽ شريعت جي مطابق ان کي استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ مال جي آفتن کان پاڻ کي بچائي سگهي ٿو .

## زخمي دل وارو بُزرگ

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدُنا ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ نقل ڪن ٿا: هڪ بزرگ روئي رهيو هو، ماڻهو ان جي چوڌاري جمع ٿي ويا ۽ ترس کائيندي ان کي چوڻ لڳا: اللّٰه پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، ڇا مسئلو ٿيو آهي، ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: منهنجي دل ۾ هڪ زخم آهي جنهن کي خائفِين (يعني اللّٰه پاڪ کان ڊڄڻ وارا ماڻهو) پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندا آهن، ماڻهن عرض ڪيو: اهو زخم ڪهڙي طرح جو هوندو آهي؟ فرمايائون: ان پيشيءَ جي خوف جو زخم جڏهن قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ حساب ڪتاب جي لاءِ پيش ٿيڻ جو اعلان ٿيندو. (اِحياء العلوم ج 4 ص 230)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي**

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عیب دنیا میں تُو نے چُھپائے حَشر میں بھی نہ اب آنچ آئے
آہ! نامہ مرِا کھل رہاہے یاخدا تجھ سے میری دعاہے

(وسائلِ بخشش ص 134)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نفرت محبت ۾ بدلجي وئي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلومات وڌائڻ، درست اسلامي عقيدا ذهن ۾ ويهارڻ، شيطان کي پري ڀڄائڻ، ايمانيات جي باري ۾ ايندڙ وسوسن کان جان ڇڏائڻ، غفلت جي ننڊ اڏائڻ، روحاني ڪيف ۽ سُرور حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي باڪردار مسلمان بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هردم وابسته رهو، ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺي ڪري ”نيڪ اعمال“ وارو رسالو پري ڪري هر مهيني جي پهرين تاريخ پنهنجي ويجهي شعبہ اصلاح اعمال جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پابندي سان هر

مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، چيچہ وطني (ضلع ساهيوال) جي هڪ اسلامي ڀاءُ غفلت جي وادي ۾ گذريل پنهنجي زندگي جي باري ۾ ڪجهه هئين بيان ڪن ٿا: منهنجي زندگي خوب غفلت ۾ گذري رهي هئي، منهنجي اُجڙيل باغ ۾ رُشد ۽ هدايت جي بهار دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ عاشق رسول جي بابرڪت صحبت سبب آئي، ان جي انفرادي ڪوشش مون کي دعوت اسلامي جي تمام گهڻو قريب ڪري ڇڏيو ۽ مان ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، جڏهن پهرين ڀيرو هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيس تہ مون اول ڪان آخر تائين بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هي سڀ ڪجهه مون کي سنو لڳو پر جڏهن اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائر هڪ آواز ۾ ديوانن جيان ذڪر الله ۾ مصروف ٿيا تہ مون کي بي اختيار کِل اچي وئي تہ هي ماڻهو ڇا چرين جيان شروع ٿي ويا آهن! (اَلعِياذُ بِاللہ) مان ان طرح جي چرپائپ وارن وسوسن ۾ مگن هئس تہ اوچتو هڪ روحانيت جو اهڙو جهونڪو آيو جو مان بہ خودبخود ذڪرالله ڪرڻ ۾ لڳي ويس ۽ ايترو مست ٿي ويس جو پنهنجي آس پاس جي خبر نہ رهي، دل تي عجيب ڪيف ۽ سُرور طاري ٿي ويو، اَلحَمدُللہ ان ذڪر ۽ دعا جي برڪت سان منهنجي طبعيت ۾ سنجيدگي پيدا ٿي وئي ۽ اڳوڻن گناهن ڪان توبہ ڪري مان صلوٰة ۽ سنت جي راهہ تي گامزن ٿي ويس، مون چهري تي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائي ورتو، اَلحَمدُللہ رمضان المبارڪ ۾ اجتماعي

اعتڪاف جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت مليءِ هاڻي منهنجي والد محترم بہ ڏاڙهي سجائي ورتي آهي ۽ تمام گهروارا سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي چڪا آهن، اَلحَمدُلله هي سٽون لکڻ وقت تائين نيڪ اعمال جي خادم جي حيثيت سان مدني ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان .

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو

اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کردیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ حضرت امام جعفر صادق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ**

الله پاڪ توهان کي ڪا نعمت عطا فرمائي ۽ توهان کي ان جو باقي رهڻ پسند اچي تہ ڪثرت سان الله پاڪ جو حمد ۽ شڪر ادا ڪيو، جيڪڏهن توهان جي رزق ۾ ڪمي اچي تہ ڪثرت سان استغفار ڪيو ۽ جيڪڏهن حڪمران يا ڪنهن جي طرف کان توهان تي مصيبت اچي پوي تہ لَاحَوۡل شريف(لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله) ڪثرت سان پڙهو ڇو تہ لَاحَوۡل شريف ڪشادگي (يعني فراخي) جي ڪنجيءَ جنّت جو خزانو آهي.

(حلية الاولياء، 225/3، رقم:3783ماخوذاً)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنۡ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عزوجل




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net